

# سارين جي فصل جي پيداوار ۽ ٽيڪنالاجي


**Islamic Relief Pakistan**

## CAAFSS Information Hub Thatta

**ايڊريس**: زراعت جي توسيع کاتو، جنگشاهي روڊ، ضِلع ٺٽو۔

**Helpline/Contact No:** 0298-920150
0298-920102

**Website/Social Media:** www.caafs.org

## تعارف

چانور پاڪستان ۾ نقد فصل سان گڏوگڏ خوراڪ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻئي نمبر تي اهم فصل آهي، سنڌ لاءِ چانورن جي تجويز ڪيل مختلف جنسن مان ننڍن هارين کي ملندڙ اپت ڪان نسبتن مٿي ملي ٿي، اهي هاري جيڪي سارين جي پوکائيءَ جي جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪن ٿا سي نسبتن وڌيڪ اُپت حاصل ڪن ٿا.

## پيداوار ۾ گهٽتائي جا سبب

- هر يونٽ جي حساب سان پيداواري ايراضي ۾ گهٽ ٻوٽن جي پوک,
- چانورن جي پوکائيءَ واري وقت ۾ مزدورن جي ڪوٽ,
- فصل جي پوکائيءَ وقت مزدورن جي پوکائي دوران لاپرواهي
- پوکائي ۾ وڌن ٻوٽن جي چونڊ
- پوکائي ۾ استعمال ٿيندڙ شين جو غير مناسب مقدار ۽ وقت تي استعمال (مثال ڀاڻ وغيره جو)
- موسمياتي تبديلي (ڏڪار ۽ سيلاب)

## سنڌ ۾ چانور پيدا ڪندڙ اهم ضلعا

ٺٽو، بدين، ٽنڊو محمد خان، دادو، لاڙڪاڻو، قمبر شهداد ڪوٽ، شڪارپُور، جيڪب آباد ۽ ڪشمور

## ٻج جي چونڊ ۽ علاج

سچا ۽ صحتمند ٻج استعمال ڪريو. ٻج کي 2.5 سيڪڙو لوڻ جي ڳار يا محلول ۾ وجهو مثال طور هڪ ليٽر پاڻيءَ ۾ 25 گرام عام لوڻ وجهو ۽ ترندڙ ٻجن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ٻجن کي صاف پاڻيءَ ۾ ڌوئي ۽ ڇانوَ ۾ خشڪ ڪريو. اڇاڻ يا اڇي سينور واري (پنن تي) ۽ ٻين بيماري کان حفاظت لاءِ ٻج کي 24 ڪلاڪن تائين اڇي سينور کي ختم ڪرڻ واري دوا ۾ پسائڻ گهُرجي. جنهن لاءِ هڪ ڪلو
ٻج لاءَ 2.5 گرام ڪيميڪل (فنگس / سينور ختم ڪندڙ دوا) گهربل آهي. ٻج جوعلاج ڪنهن گول ڦرندڙ ڊرم ۾ ڪري سگهجي ٿو. ان
ريت ڊرم ۾ ٻج وجهي هن ۾ ڪيميڪل شامل ڪرڻ کان پوءِ چڱي طرح ملائجي.

## ٻج جون جنسون

ڊي آر 82، ڊي آر 83، ڊي آر 92، ڪي ايس ڪي 133، ڪي ايس 282، ڪي ايس ڪي 434، آئي آر 6، آئي آر 9

## سٺي معيار جا ٻج

سٺا ٻج بهترين پيداوار لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجن جنهن ۾ هيٺ ڏنل خاصيتون هجڻ ضروري آهن؛

- تصديق شده جنس،
- ڦٽڻ جي گهڻي صلاحيت ۽ سگهه،
- يڪسان ماپ (سائيز) وارا صحتمند ٻج،
- معياري ۽ بيماري کان پاڪ ٻجن

## هاري هيٺين ذريعن کان تصدي شده ٻج حاصل ڪري سگهن ٿا

- پنجاب ۽ سنڌ جا سيڊ ڪارپوريشن (ادارا)
- چانورن جي تي تحقيق جا ادارا جهڙوڪ ڪاڪا شاهه ڪاڪو،
- چانورن جي ٻج تي تحقيق وارو ادارو، ڏوڪري لاڙڪاڻو،

- ٻج جون خانگي ڪمپنيون
- هاري پنهنجي زمين ۾ پيدا ڪيل ٻج پڻ استعمال ڪري سگهي ٿو.

## ٻج جي شرح / تناسب

| نرسريءَ لاءِ ٻج جي شرح (ڪلوگرام/ ايڪڙ) | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| نمبر | چانورن (سارين) جا قِسم | تر / گپ ۾ پوکائيءَ جو طريقو | وٽ ۾ پوکائيءَ جو طريقو | راب وارو طريقو | ڦونڻو |
| 1 | ڊي آر 82، ڊي آر 83، ڊي آر 92، ڪي ايس ڪي 133، ڪي ايس 282، ڪي ايس ڪي 434، آئي آر 6، آئي آر 9 | 6 کان 7 ڪلو | 8 کان 10 ڪلو | 12 کان 15 ڪلو | 80 سيڪڙو کان مٿي |

## نرسري لڳائڻ ۽ پوکائي

| نرسري لڳائڻ ۽ پوکائي جو وقت | | | |
|---|---|---|---|
| نمبر | چانورن/ سارين جا قسم | پنيري پوکڻ جو وقت | رونبي جو وقت |
| 1 | ڪي ايس ڪي 133، ڪي ايس 282، ڪي ايس ڪي آئي آر 6، آئي آر 9 | 20 مئي کان 07 جون تائين | 20 جون کان 07 جولائي تائين |

سارين جي مرض تي ضابطي آڻڻ واري قانون مطابق، سارين جي پنيري 20 مئي کان پهرين نٿي لڳائي سگهجي، ان تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## مِٽي

چانورن جو فصل وارياسي زمين کان سوائي ڪهڙي به زمين ۾ پوکي سگهجي ٿوجيتوڻيڪ لوڻياڻي زمين جتي ٻيا فصل ڪامياب ڪونه ٿا ٿين اتي پوکي سگهجي ٿي. چيڪي مٽي جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ نامياتي مادا هجن ۽ گهڻو وقت پاڻي بيهڻ جي صلاحيت هجي ان ۾ به پوکي سگهجي ٿي.

## سارين لاءِ مٽيءَ جي صحت / سگهه کي بهتر بنائڻ

لڳاتار سارين ۽ ڪڻڪ جي پوکائيءَ جي ڪري سارين واري زمين جي پيداواري سگهه ڪمزور ٿيڻ جو سبب بڻجي ٿي. زمين ما گهربل نامياتي مادن جو تناسب پڻ گهٽجي وڃي ٿو، زمين جي پيداواري صحت کي بهتر ڪرڻ لاءِ وٽاڻ جو پاڻ وجهڻ گهُرجي يا سارين ۽ڪڻڪ جي وچ ۾ ڦرين وارا ٻوٽا لڳائڻ گهرجن، ساڳي طرح، ڪڻڪ ۽ چانورن جي پَل کي ساڙڻ بدران زمين ۾ شامل ڪرڻ سان نامياتي مادن ۾ واڌارو ڪري سگهجي ٿو، زمين ۾ وٽاڻ جو پاڻ (مينهن ۽ ڍڳين جو ڇيڻو، ڪڪڙين جون وٺيون) شامل ڪرڻ سان نامياتي مادن کي وڌائڻ سان زمين جي پيداواري صلاحيت کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

## پنيري پوکڻ

عام / رواجي طريقي مطابق هڪ ايڪڙ ۾ فصل جي پوکائي لاءِ 250 چورس ميٽر زمين جو حصو پنيري پوکڻ لاءِ مناسب آهي. سارين جي پوکائي لاءِ پنيريءَ لڳائڻ جا مختلف طريقا آهن؛ جيڪي پاڻيءَ جي دستيابي، زمين جي خاصيتن ۽ ان علائقي ۾ موجود
مروجه طريقيڪار تي منحصر آهن. عام طور تي پنيريءَ لاءِ تر، خشڪ / وٽ ۽ راب وارا طريقا استعمال ٿين ٿا

## تر يا گپ ۾ پوکائيءَ جو طريقو

اهڙي زمين (چيڪي يا گپ واري) جيڪا پاڻي بيهڻ جي صلاحيت رکندي هُجي، گپ / تر واري نرسريءَ لاءِ بهتر آهي، پوکائيءَ کان ٻه هفتا پهرين تهه / ڪياڙي ڏاهڻ ۽ زمين تيار ڪرڻ شُروع ڪرڻ گهرجي. پنيريءَ لاءِ زمين مڪمل ڪيڙي، صحيح طريقي سان سنوت ۾ آٽيو ته جيئن، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾ پاڻيءَ جي هلڪي سطح برقرار رکي سگهجي. ڪيڙ ۽ پاڻ ڏيڻ کان پوءِ ڦوڳيل / ڦوٽاڙو ٿيل ٻجُ ٻارين ۾ هڪ جيترو پکيڙيو. ڦوٽاڙو ڪيل ٻج حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي رات پسايل ٻجن کي وري 48 ڪلاڪن تائين پسيل ٻوريءَ ۾ رکو. پوکڻ کان پوءِ ٻارين کي ٻن کان ٽن ڏينهن تائين پاڻي ڏيوءِ پنيريءَ جي قد مطابق، 2 کان 5 سينٽي ميٽر تائين پاڻي برقرار رکو هڪ هفتي لاءِ انکي صبح جو پاڻي ڏيو ۽ شام جو ڪڍي ڇڏيو. ضرورت پٽاندر 20 - 40 گرام يوريا، ڊي اي پي في ميٽر ايراضي ۾ ڏيڻ گهرجي، پنيري / ٻيجارو 25 کان 35 ڏينهن جي اندر تيار ٿي ويندي.

## خشڪ زمين ۾ پوکائيءَ جوطريقو

جن علائقن ۾ مينهن / برساتون گهٽيون ٿينديون آهن انهن علائقن ۾ ٻاريون / ڪياريون 10 سينٽي ميٽر مٿيريون ڪري ٺاهجن. پاڻ ڏيڻ کان پوءِ علاج ڪيل ٻج ٻارين ۾ هڪ جيترو پکيڙيو / ڇٽيو ۽ ٻارين کي سيراب ٿيڻ تائين پاڻي ڏيو؛ ان کان پوءِ پنيري اُڀري اچڻ ۽ ڦٽڻ تي وقفي وقفي سان سان پاڻي ڏيو. هي طريقو اتي ڪري سگهجي ٿو جتي زمين چيڪي / وارياسي ۽ چيڪي گاڏڙ هُجي. ضروري آهي ته هن طريقي لاءِ گند گاهه تي ڪنٽرول ڪجي. هن طريقي واري پنيري 35 کان 40 ڏينهن جي اندر تيار ٿي ويندي جنهن کي پاڙان ڪڍڻ بيحد آسان آهي

## راب وارو طريقو

انهن علائقن ۾ پوکي وجي ٿي جتي زمين تمام گهٽي سخت ۽ پنيري پاڙان پٽڻ ممڪن ڪونهي، ان لاءِ سٺي زمين ڏاهڻ لاءَ هر ڏئي سهاڳو گهمائجي ۽ مال جي ڀاڻ جو 2 انچن جو اونهو تهه وڇائجي، پهرين ڪٽڪ يا سارين جي پل پوري پلاٽ تي پکيڙجي ۽ ان کي باهه ڏجي، ان کانپوءِ ٻئي ڏينهن علاج ڪيل خشڪ ٻج ان تي پکيڙي پاڻي ڏجي، پنيري 35 کان 40 ڏينهن جي اندر تيار ٿي ويندي، هن طريقي سان گاهه گهٽ ٿيندو ۽ پاڙان پَٽڻ ۾ آسان هوندي ۽ زمين جراثيمن کان پاڪ هوندي جنهن سان بيمارين جو انديشوگهٽائي سگهجي ٿو.

## پوکائي لاءِ زمين جي تياري

سڀ کان پهريان هرُ ڏيڻ وقت زمين ۾ بيٺل گاهه ڪٽي؛ زمين ۾ ملائڻ گهرجي ۽ زمين کي ڪمپيوٽر واري ڪيڙ سان بهتر نموني برابر هموار ڪريو، گند گاهه جي صفائي ۽ هڪ جيتري پاڻيءَ لاءِ ڪيڙ کي 2 کان 3 ڀيرا هلايو. 25 کان 30 ڏينهن جي پراڻي پنيري استعمال ڪريو ۽ تازي پنيري استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪريو.

## ناڙي / ڪيريي جي ذريعي پوکائيءَ جو طريقو

هي طريقو هٿن سان پوکائيءَ واري طريقي جي متبادل طريقي طور بهتر آهي، وٽ واري زمين ۾ سارين جي خشڪ ٻج جي سڌي پوک هڪ نئون طريقيڪار آهي، جيئن سياري ۾ ڪٽڪ واري زمين ۾ ناڙي ڪرڻ، جڏهن ته ان لاءِ ڪابه منظورشده سارين جي جنس
استعمال ڪري سگهجي ٿي.ڪٽڪ جي لوپ کان پوءِ هڪ ئي ڀيرو اونهو هر ڏيو، ان کان پوءِ سارين جي پوکائيءِ کان ڪجهه ڏينهن
پهرين زمين کي پاڻي ڏيو جڏهن زمين کي وٽ اچي ته، ٻه ڦاريءَ سان ڪيريا ٺاهيو ۽ ان کي ٽريڪٽر يا ڏاندن ذريعي سهاڳي سان هموار

ڪريو. 70 سينٽي ميٽر جا ڪيريا 30 سنٽي ميٽرن جي وٿيءَ سان ٺاهيو، ان کان پوءِ تيار ٿيل وٽ واري زمين ۾ ناڙي ڪريو. هن حالت ۾ ٻج ڇٽڻ وارو طريقو تجويز ڪيل نه آهي. هارين کي بهتر ڦوٽهڙي ۽ فصل لاءِ ٻج هميشه ناڙي ذريعي پوکڻ گهُرجي، هي طريقوفصلن جي مختلف طريقن کي همٿائي ٿو ۽ پاڻي ۽ ٻج جهڙن وسيلن جي بچت پڻ ڪري ٿو.

## پوکائيءَ جا اهم جُز

- پنيريءَ جو صحيح انتظام
- پنيريءَجي تڪڙي بحالي ۽ واڌ ويجهه لاءِ خبرداريءَ سان ٻوٽن جي چنگي ڪريو
- چنگيءَ واري پوکائي جي وٿي 1 کان 2 سينٽي ميٽرن تائين هجي
- ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو وڌ ۾ وڌ 25 x 25 سينٽي ميٽر يا 9x9 انچ هجي
- هر چنگيءَ ۾ 1 کان 2 ٻوٽا لڳايو
- هموار زمين تي پنيريءَ جي پوکائي ڪريو ۽ پاڻيءَ جي ڊِگهرائي 1 کان 1.5 انچ هجي
- وڏن ٻوٽن جي پوکائيءَ کان پاسو ڪريو
- صرف 30 کان 40 ڏينهن واري پنيري پوکيو

## ٻوٽن جو تعداد

سٺي اپت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻوٽن جو مناسب مقدار ۾ هئڻ ضروري آهي. وڌ ۾ وڌ ٻوٽا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻوٽن جي قطارن ۾ مفاصلو 9 انچ رکڻ گهُرجي. خالي جڳهيون پوکائيءَ جي 7 کان 10 ڏينهن جي اندر پرجڻ گهُرجن.

## پاڻ ۽ نامياتي جزا

گهڻيون زمينون ٻوٽن کي محدود غذائي جزا ڏين ٿيون، تنهن ڪري ضروري آهي ته، اَن واري فصلن ۾ واڌاري لاءِ پاڻن جو استعمال ڪجي، پاڻ هميشه زمين جي ڪيميائي مرڪبن جي حساب سان استعمال ڪرڻ گهُرجي، عام جنسن جي صورت ۾ متوازن پاڻ استعمال ڪريو، آخري هَرَ مهل گندرفي لوڻ مڪمل مقدار، پوٽاشيم ۽ نائيٽروجن جو اڌ مقدار استعمال ڪرڻ گهُرجي. رکجي. غير نامياتي پاڻ خشڪ، ٿڌي جڳهه تي ٻارن جي پهچ کان پري رکڻ گهُرجي. جتي پاڻيءَ جو اهم ۽ واحد ذريعو ٽيوب ويل هجي اُتي پوٽاشيم جو استعمال تمام ضروري آهي. ڪيميائي پاڻ صرف بيٺل پاڻيءَ ۾ استعمال ڪجي ۽ پوري زمين ۾ هڪ جيترو رسڻ گهرجي. روايتي جنسن لاءِ پاڻ جو گهٽو مقدار استعمال نه ڪريو ڇاڪاڻ ته انهن جي موٽ محدود آهي ۽ سم جو سبب به بڻجي سگهجي ٿو.

- زنڪ جي ڪمي چانورن جي هر جنس ۾ ٿئي ٿي، تنهن ڪري اهو تمام ضروري ضروري آهي ته سٺي اُپت حاصل ڪرڻ لاءِ زنڪ جو استعمال ڪجي. پوکائي جي 10 - 12 ڏينهن کانپوءِ 5 ڪلوگرام في ايڪڙ ۾ گندرفي زنڪ (35% Zn) جي تناسب سان تجويز ڪيل آهي.

- بوران ( **خوراڪي جُزن**) جي کوٽ نڪرندڙ پنن ۾ اڇاڻ ۽ اڇي سينور جو سبب ٿي سگهي ٿي؛ تنهن ڪري سٺي اُپت لاءِ بوران **(خوراڪي جُزن) جو** استعمال تمام ضروري آهي. پوکائيءَ جي 10 کان 12 ڏينهن کان پوءِ 3 ڪلو سهاڳي(borax) جو استعمال سارين جي فصل جي اُپت / پيداوار ۾ واڌارو ڪري ٿو.

## گند گاهه جي صفائي ۽ زمين جي سار سنڀال

گند گاهه سارين سان گڏ وڌن ٿا ۽ سارين جي اپت کي گهٽائڻ جو سبب بڻجن ٿا. هڪ ڪلو سُڪو گاهه هڪ ڪلو داڻن جي نقصان جي برابر هوندو آهي. پوکائي کانپوءِ گند گاهه فصل جي تيار ٿيڻ جي 20 کان 50 ڏينهن دوران وڏيڪ نقصان جو سبب بڻجي ٿو، تارين ٿيڻ کان پوءِ گڏ ڪيڻ ذريعي آئنده جي فصلن ۾ گند گاهه جي ٻجن کان بچاءُ ڪري سگهجي.

- سارين ۾ گند گاهه عام طرح20-15سيڪڙو فصل جي اُپت گهٽائن ٿا پر ڪن حالتن ۾ نقصان 50 سيڪڙو تائين به ٿئي ٿو.
- گاهه لڳاتار ڦوٽاڙي جي ڪري سارين جي مقابلي ۾ گهٽو وڌي ٿو ۽ گهاٽو ٿئي ٿو.
- خاص طور تي خشڪ ٻجن سان پوکائي جي طريقي سان گند گاهه تمام گهٽو نقصانڪار آهي.

## گند گاهه جي اثرائتي انتظامڪاري ڪري سگهجي ٿي

- برسات جي 10 کان 14 ڏينهن جي دوران يا پوءِ خالي زمين ۾ هرُ ۾ ڪيڻ ڏجي،
- زمين جي سٺي سنوت گند گاهه جي واڌ ويجهه کي گهٽائي ٿي، گهٽو گند گاهه پاڻيءَ ۾ ڪونه ٿو ڦٽي،
- اهڙين جنسن جي چونڊ ڪريو جيڪي اڳي ئي صحتمند هُجن،
- سارين جو صاف سٺرو ٻج استعمال ڪريو جيڪو گند گاهه جي ٻجن کان پاڪ هُجي،
- نامياتي جزا گاهه جي قسم جي حساب سان استعمال ڪري سگهجن ٿا،
- پاڻيءَ جو مستقل استعمال ڪريو ڇا ڪاڻ ته گاهه جا اڳ ۾ موجود ٻج پاڻيءَ ۾ نٿا ڦٽي سگهن،
- پهريون ڳُڏ پوکائي جي 2 کان 3 هفتن جي اندر شُروع ڪرڻ گهُرجي، ٻئي ڳُڏ 3 کان 4 هفتي اندر ڪيڻ گهُرجي ۽ رونبو هر ڳُڏ کان پوءِ ڪرڻ گهُرجي،
- گاهه جي صحيح طريقي سان نشاندهي ڪريو ۽ مناسب گند گاهه ختم ڪندڙ دوا جو استعمال ڪريو جيڪا تجويز ڪئي وئي آهي،
- گند گاهه اچا ننڍو هجي ته ڦوهارو ڪريو،
- گند گاهه کي ظاهر ٿيڻ کان پهرين ختم ڪرڻ واري دوا، ڇُنگيءَ کان پوءِ ۽ ٻوٽن ۾ ساهه پوڻ کان پهرين استعمال ڪريو،
- گند گاهه جي ظاهر ٿيڻ پوءِ ان کي ختم ڪرڻ واري دوا استعمال ڪريو ۽ محتاط رهو ته فصل کي نقصان نه ٿئي،
- گند گاهه ختم ڪرڻ واريون دوائن ۾ زهر آهي، جيڪڏهن اهي صحيح نموني استعمال نه ٿيون ته صحت ۽ ماحول کي نقصان ڏئي سگهن ٿيون.انهن تي صاف نالي سان پرچي لڳايو ۽ ٻارن جي پهچ کان پري رکو.

## پاڻيءَ جي انتظامڪاري

پاڻيءَ تي بهتر نموني ضابطو فصل جي اپت ۽ ٻج جي معيار کي وڌائي ٿو ۽ ان سان گڏو گڏ پاڻ، گند گاهه ڪيڙا ۽ جيت جڙا ختم ڪندڙ دوائن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪري ٿو. پاڻيءَ جي بهتر استعمال لاءِ، هيٺيون سرگرميون ڪريو.

- ڪنارن کي مضبوط ۽ برقرار رکو،
- زمين جي سنوت ڪريو، جتي ضرورت هُجي گپ / تر ۾ هر ڏيو،
- پاڻيءَ جي سطح پوکائيءَ جي وقت ۽ هڪ هفتو پوءِ گهٽ ۾ گهٽ آهستي آهستي 02 (1-1½ inch) رکڻ گهُرجي ۽ ان کان پوءِ 25 ڏينهن تائين انچن تائين وڌائجي،
- پوکائيءَ جي 25 کان 30 ڏينهَن کان پوءِ زمين کي 5 کان 6 ڏينهن پاڻي نه ڏجي ۽ پوءِ پاڻ ڏيڻ کان پوءِ ٻيهر پاڻي ڏجي،
- پاڻي تر ٿيڻ مهل داڻيدار جيت مار دوا جو استعمال ڪريو پر دوا جي استعمال کان پوءِ پاڻي 5 کان 6 ڏينهن تائين بيهاريو،
- ان جهلڻ يا سنگ ڪيڻ تي پاڻي ڏيڻ بند ڪريو ۽ زمين ۾ فصل کي سڪڻ ڏيو.

## لوڻياٺ جو اثر

سارين جا ٻوٽا لوڻياٺ جو اثر قبوليندڙ آهن، خاص ڪري ننڍپڻ ۽ ڦارين جي نڪرڻ واري مرحلي تي ڦارين نڪرڻ گُل ۾ ٻانيءَ تائين. زهريلي لوڻ جي نشانين ۾ پنن جو سڙڻ ۽ خشڪ مادن جي پيداوار ۾ گهٽتائي شامل آهي. گُل ٻاڻي دوران لوڻياٺ جا اثر گهٽ ظاهر هوندا آهن، پر ڳُچي ۾ گُل ۽ ان ۾ وڏي پئماني تي گهٽتائي اچي ٿي جيڪا اپت ۾ گهٽتائي آڻي ٿي.

## ٻوٽي لاءِ حفاظتي قدم

هاري ڪيڙن ۽ بيمارين جي ڪري هر سال سراسري طور 37% تائين نقصان پرائن ٿا. ان لاءِ وقتي ۽ درست تشخيص واضح طور تي نقصان ۾ گهٽتائي آڻي ٿي. بيماريءَ تي ضابطي جو بهترين طريقو احتياط آهي، جنهن لاءِ هيٺين تجويزن تي عمل ڪري سگهجي ٿو؛

- اوزارن کي مستقل وقفي سان ڌوئڻ گهرجي،
- زمين کي فصل لهڻ کان پوءِ کُٽن ۽ ڪکن پنن کان آجو ۽ صاف ڪريو ۽ ٻنن جي مرمت ڪريو،
- صاف ۽ قوت مدافعت وارا ٻج استعمال ڪريو، ان لاءِ تصديق شده ٻج تجويز ڪجن ٿا، جي تصديق شده ٻج موجود نه هُجن ته صاف، بغير داغدار ۽ گاهه گند جي ٻجن کان پاڪ ٻج استعمال ڪريو،

- گهٽ مدتي ۾ قوتِ مدافعت واري پوکائي ڪريو ته جيئن مان لڳندڙ بيمارين کي گهٽائي سگهجي،
- وقت تي پنيري ۾ چنگي لڳائجي، جنهن مهل اوهان جي پر وارا لڳائن ٿا (يا ٻن هفتن دوران) ته جيئن جيئن، بيمارين، پکين ۾ ڪوئن جي حملي کان محفوظ رهي سگهجي،
- پنهنجي ليکي پاڻ استعمال نه ڪريو، پر مخصوص پاڻ استعمال ڪرڻ وارين تجويزن تي عمل ڪريو، ڇا ڪاڻ ته گهڻي نائٽروجن ڪجهه ڪيڙن ۾ بيمارين جي انديشي کي وڌائي سگهي ٿي،
- قدرتي ڪيڙا مارڻ وارا طريقا استعمال ڪريو، سارين ۾ موجود ڪيڙن جو خاتمو ڪندڙ قدرتي **(فصل دوست)** جيت جڙا زهريلي دوائن جي استعمال سان مريو وڃن، جنهن سان ڪيڙن جو ڦهلاءُ ٿي سگهي ٿو،
- هارين ۾ زهريلي دوائن جو استعمال عام آهي جيڪو حقيقت ۾ڪيڙن جو ڦهلاءُ ڪري سگهي ٿو،
- پوکائيءَ جي 40 ڏينهن تائين زهريلي دوائون استعمال نه ڪريو،
- فصلن جي تبديلي به جيئن، ڪيڙن بيمارين کي گهٽائي ٿو،
- پيداوار تي ڪنهن به اثر کان سواءِ سارين جي فصل کي وقت کان پهرين نقصان کان بچائي سگهجي ٿو، ان لاءِ مخصوص بيمارين بابت ڄاڻ حاصل ڪريو

## ڪيميڪل (ذرعي دواعن جو استعمال)

اهو ڄاڻڻ اهم آهي ته ڪيڙن ۾ بيمارين تي ضابطي لاءِ ڪيميڪل (زرعي دوائون) مناسب مقدار ۾ وقت تي استعمال فصل جي پيداوار لاءِ ڪارآمد آهي؛

- صاف سٿرا ڦوهاري وارا اوزار استعمال ڪريو جن جي ماپ برابر هُجي.
- وزن ڪمپني جي تجويز مطابق استعامل ڪريو،
- دوا کي ملائڻ ۾ ڦوهاري ڏيڻ لاءِ احتياطي تدبيرن تي عمل ڪريو.

## لابارو

وڌيڪ اُپت حاصل ڪرڻ ۾ ان جي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ فصل جو وقت تي لابارو انتهائي اهم مرحلو آهي. وقت کان پهرين لاباري سان گهڻو ان ڪچو ۾ ڪوڪلو نڪري سگهي ٿو، ڪچو اَن پيسائي مهل آسانيءَ سان پور پور ٿي ويندو ۾ ڦٽندو به ڪونه. جيڪڏهن لابارو دير سان به ڪبو ته داڻن جو زمين ۾ ڇٽڻ ۾ پکين جي حملي جي ڪري وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو. موسمي اثرن ۾ غير مناسب رنگ جي ڪري جي ڪري معيار ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي. لابار ڪرڻ جو مناسب ۾ صحيح وقت اهو آهي جڏهن 80% فصل (سنگ) پچي چڪا هُجن ۾ سنگ جو رنگ ڦِڪو ٿي ويندو آهي جنهن جو مطلب اهو آهي ته فصل پچي چڪو آهي.

## فصل جي لاباري لاءِ هدايتون

- ٻج ۾ نمي ,%22–20 هجي، جيڪا اڪثر ڪري گُل ڦاٽيءَ جي 30 ڏينهن کان پوءِ ٿي ويندي آهي
- %85–80 ٻجن جو رنگ هلڪو پيلو ٿي ويو هُجي.
- ڳچي جي هيٺين حصي تي ٻج نرم نه پر سخت هجن،
- ٻج سخت هجن پر ڏندن سان چباڙڻ سان نه ڀُرن.

## ساريون هيٺ ڏنل طريقن موجب لابارو ڪري سگهجن ٿيون؛

- **لڻڻ:** نگن کي ڳُچي ۾ پلال سميت لڻڻ،
- **گڏ ڪرڻ:** لڻيل فصل ڳاهڻ واري جڳهه تي گڏ ڪرڻ،
- **ڳاهڻ:** ڳاهيل اَن کي باقي بچيل فصل کان الڳ ڪرڻ،
- **صفائي:** ڪچي ۾ خالي اَن کي الڳ ڪرڻ،
- **زمين کي سُڪائڻ (مرضي مطابق)** :لڻيل فصل ٻنيءَ ۾ سج جي هيٺان سڪائڻ،
- **پلال جو ڍڳ ڪرڻ (مرضي مطابق):** لڻيل فصل جو عارضي طور ڍڳ ڪرڻ.

## لٹائيءَ محل نقصان

- اَن چٹڻ:پکين، هوا، ڪوئن ۾ لٽڻ واري عمل دوران وقت کان اڳي پڪل اَنَ جو چٹڻ، سارين ڪجهه جا قسم ٻين جي نسبت وڌيڪ  چٹن ٿا،
- گهٽو وقت بيهڻ جو نقصان:اهي ٻوٽا جيڪي مڪمل پچي ويندا آهن سي ڳچي وٺان ڪريو پون، تن جو ٻيهر صحتمند ٿيڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي،
- بيٺل فصل جو نقصان:بي ڌياني، لاپرواهي ۽ اُبهرائيءَ جي ڪري ٻَنيءَ ۾ پڪل ٻوٽن جي رهجي وڃڻ جي ڪري نقصان.

## ڳاهه دوران نقصان

- **ان کي ڏار ڪرڻ يا هوا ڏيڻ مهل نقصان:** اهي پڪا داڻا جيڪي صفائيءَ دوران ٻُهه سان مليو وڃن.
- **بڻائيءَ مهل نقصان:** اناج جيڪو ڳاهه مهل زمين تي پکيڙيو وڃي ٿو
- **ڳاهه مهل نقصان:** اناج جيڪو ڳاهه ڪرڻ کان پوءِ به ڳچن ۾ رهجيو وڃي، سٺي ڳاهه جي ڪري گهٽ نقصان ٿئي ٿو.

## ڀرپور فائدو وٺڻ لاءِ تجويزون

- صحيح وقت تي لٹائي ڪريو ۽ لاپ کي نمي ڏيو،
- بهترين لاپ تڏهن حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن لٹائي ساڳي ڏينهن صبح جي وقت ڪجي ۽ ڳاهه ٻنپهرن جو ڪجي،
- ڳُڏَن ذريعي ڊِڳ ڪري رکڻ کان پاسو ڪريو،
- ڪوشش ڪريو ته ان جا ڳُچا زمين ۾ پاٽيءَ کي نه ڇُهن،
- لٹائيءَ کان پوءِ ڳاهه ۾ دير نه ڪريو (ڳاهه لُٹائيءَ جي 24 ڪلاڪن جي اندر ڪريو)،
- ٿريشر جي سيٽنگ صحيح طريقي سان ڪريو،
- ٻُهه / پلال ۽ خالي داڻن کي ڪڍي ڇڏيو،
- پکي سان هوا ڏيو ته جيئن سنها ڪک اڏامي وڃن،
- ٿلها ڪک صاف ڪرڻ لاءِ وڏن سوراخن وارو سُپ استعمال ڪريو،
- سنها ٻج صاف ڪرڻ لاءِ سَنهَن سوراخن وارو سُپ استعمال ڪريو،
- ڳاهه کان پوءِ اَنَ کي صحيح طريقي سان صاف ڪريو،
- اناج کي ترپال يا گادلي تي سڪايو، بهتر نتيجي لاءِ اناج کي ڪلاڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اُٿلايو پُٿلايو،
- اناج لاءِ تهه جي سطح 3–5 سينٽي ميٽر هئڻ گهُرجي،
- ڳاهه کان پوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي اناج کي سُڪايو، دير سان سُڪائڻ کان پاسو ڪريو.

## چاڻٹ ۽ صفائي ڪرڻ

- هٿن يا مشين ذريعي صفائي ڪريو،
- ڪک، بوهه ۽ خالي داڻا ڪڍي ڇڏيو،
- پکي ۽ سُپ جو گڏيل استعمال ڪريو،
- پکي جي هوا سان ڪکن کي اڏايو،
- ٿلها ڪک صاف ڪرڻ لاءِ وڏن سوراخن وارو سُپ استعمال ڪريو،
- سنها ٻج صاف ڪرڻ لاءِ سَنهَن سوراخن وارو سُپ استعمال ڪريو

## ذخيرو محفوظ طريقي سان ڪريو

چانور سارين جي شڪل ۾ بهترين نموني ذخيرو ڪري سگهجي ٿو، ڇا ڪاڻ ته سارين تي ڇلڪو جيتن خلاف حفاظت ڏئي ٿو ۽ ٻج جي صلاحيت کي ختم ٿيڻ کان محفوظ رکي ٿو.محفوظ ذخيري اندوزي اناج کي خشڪ ٿيڻ پوءِ آلي ٿيڻ کان بچائي ٿي ۽ جيتن، پکين ۽ ڪُئن کان پڻ محفوظ رکي ٿي.

## ساريون گهٽي وقت تائين زخيرو ڪري سگهجن ٿيون،

- اناج لاءِ نَمي 14% تائين ۽ ٻج لاءِ 12% برقرار رکڻ گهرجي،
- اناج کي جيتن، پکين ۽ ڪُئن وغيره کان محفوظ رکڻ گهرجي،
- اناج ۾ مينهن / برسات ۽ هوا جي ڪري ٻيهر نمي پيدا ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ گهرجن،
- ٻج لاءِ اهو اصول آهي ته تجويز ڪيل ليول کان نميءَ ۾1% يا گرمي پد ۾5°C واڌاري جي ڪري ٻج جي زندگي اڌو اڌ گهٽجيو وڃي.

## ساريون ذخيرو ڪرڻ جا طريقا

- ڪَٽن کي 04 ميٽرن کان مٿي نه سَٿڻ گهُرجي،
- ڪَٽن کي ڇٽِ، ڇني يا ٻاٽيءَ کان محفوظ ترپال هيٺان سَٿڻ گهرجن،
- ڪَٽن جي هيٺان ۽ چوڌاري هڪ ميٽر جي وٿي رکو،
- ڪَٽن کي تختن جي مٿان يا زمين کان مٿي سٿيو،
- ڪَٽن کي اهڙي نموني سٿيو جو ضرورت پوڻ تي واس ڏئي سگهجي.

## هوا بنديءَ وارو طريقو

گرم علائقن ۾ٻج جي نمي کي برقرار رکڻ ۽ جيت جڙي کان بچاءُ لاءِ هوا بندي (ڳُندي وغيره) وارو طريقو تمام گهڻو اثرائتو آهي، هوا جي ڳُذر کان محفوظ ڳنديون مختلف شڪلين ۾ اچن ٿيون، جن ۾ وڏي سائيز وارين ۾ 50 وڻن ڪَتن جيترو اَن، ننڍي سائيز ۾ 25 لٽرن وارا ننڍا دٻا، 200 لٽرن وارا تيل وارا دٻا ۽ 01 کان 300 ٽنن جي گنجائش وارا گهڻو سستا پون ٿا.

## ٻج جي پيداوار

هاري پنهنجي ضرورت جي پوري ڪرڻ لاءِ، منظور شده ٻجن جون جنسون پنهنجي زمين تي پاڻ تيار ڪري سگهن ٿا، ان لاءِ کين هيٺين هدايتن تي عمل ڪرڻ گهُرجي

- **زمين جي چونڊ:** اهڙي زمين جي چونڊ ڪريو جيڪا بيمارين کان پاڪ هُجي،
- **الڳ جڳهه:** ٻج لاءِ، هڪ جڳهه تي مختلف قسم نه پوکڻ گهرجن، ته جيئن هڪ جڳهه تي مختلف قسم جي جنسن کان بچي سگهجي. وقت تي جڳهه الڳ ڪرڻ شايد ممڪن هُجي، ٻئي صورت ۾ زمين جي فاصلي کي اٿرا ئتي نموني استعمال ڪري سگهجي ٿو،
- **جيتن، ڪيڙن، بيمارين ۽ گند گاهه کان حفاظت:** فصل جي حفاظت رواجي طريقي يا جيت مار (زهريلي دوائن) سان ڪرڻ گهُرجي،
- **ڳُڏ يا صفائي:** ٻج جي صفائيءَ لاءِ فصل مان غير ضروري ٻوٽن جو خاتمو انتهائي ضروري آهي، صفائي يا ڳُڏ جو بهترين وقت تڏهن هوندو آهي جڏهن ٻوٽا ڳُلن تي اچن،
- **لٽائي ۽ ڳاهه :**عام طور تي لٽائيءَ جو بهترين وقت گل لڳڻ جي35-30 ڏينهن کان پوءِ هوندو آهي، جڏهن85 %95 ڳُچا هلڪي ڦڪي رنگ جا ٿين، لٽيل فصل کي ڳاهه کان پهرين 3-2 ڏينهَن لاءِ سڪائجي، فصل جي لُٽائي مشين سان نه ڪريو، لٽائي ۽ ڳاهه مهل، ڳاهه واري جڳهه کي صاف سٿرو رکڻ گهُرجي، سُڪائڻ کان پوءِ ٻج ڪَٽن ۾ بند ڪري، پرچيون لڳائي، محفوظ ڪرڻ گهُرجي.

## سارين جو ملڪي سطح تي اگهه

سارين جو ٻڌي منديءَ ۾ اگهه *1876/40* ڪلو روپيا کان *1950/40* ڪلو هوندو آهي ۽ موسمي اگهه *1480/40*ڪلو کان *1150/40*ڪلو تائين هوندو آهي.



